# 6 ماٺِ

پڙهو، ڳايو، سمجهو.

ماٺ جي هڪ لفظ ۾، سيني سُکن جو سار آ،
''م'' ۾ آ ماکي مليل، ''ٺ'' ۾ سمايل ٺار آ.

ٺپِ ماٺ ۾ ڏرتي هلي، ماٺِ ۾ سڄ چنڊ ڦِرن،
ٺا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا ڇُرن.

ماٺ ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ ماٺ ۾ گل ڦل ڪِلي،
آ اُها چوکي چَڱي، جا ماٺ ۾ مَحِفل هلي.

آ سدا سپ ڪان سُني، مُٺ پڪوڙيل ماٺِ جي،
ڳالهہ جي نِڪري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٺو ماٺِ ۾ مالڪ ملي، ماٺ ۾ ڪَرِ بَندگي،
هُل هنگامي ڪان پري، ڪاٽ پنهنجي زندگي.



## نوان لفظ

ماٺ - خاموشي، سانت
هُل هنگامو - گوڙ شور
ڪلڻ - ٽڙڻ، وڌڻ
بندگي - عبادت، پوڄا
گلشن - باغ
پڪوڙي رکڻ - بند ڪري رکڻ
ٺار - ٺڏاڻ،
ڪاٽ - گذار
بات - ڳالهہ

## اَپياس

**سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ماٺِ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟
٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟
٣) مُٺ کُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟
٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

**سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

١) ٿي ماٺِ ۾ .................... هلي، ماٺ ۾ ................. قِرن.
(سچ چنڊ، ڏرتي، سچ، چنڊ، گرهه)
٢) آ سدا سڀ ڪان ...................، مُٺ پڪوڙيل ماٺِ جي.
(خراب، غلط، سني)
٣) .................... ڪان پري، ڪاٿ پنهنجي زندگي.
(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

**سوال.٤. هيٺين لفظن مان ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| ماٺ | ڌيرج |
| قانون | باغ |
| گلشن | گوڙ شور |
| هنگامو | خاموشي |
| صبر | قاعدو |

## پورڪ اَپياس

١) شعر بند تي مشغولي.

ماٺ ۾ گلشن .................... برائي باٽ جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ.

(ب) ڏنل لفظن جا ضد :


سُني ـــ اَندر

(ث) ’محفل‘ لفظ کڻي ڪو جملو لکو.

٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٽي جوڙا لکو.

٣) ماڪيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

۴) بيت ۾ ڏنل ماٺ سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هينئون خاڪو پورو ڪريو.




ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.

ايڪلويه ۽ دروڻاچاريه

هنومان ۽ وانر سينا



- شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائٽن / اَڏياپڪن / اِنٽرنيٽ دواران ٻُڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.